# امولي

گلاب جي گلن کي سندس چپن تي ڇهلئي هن چيو ”منهنجا سڳنڌي گل، خبر اٿيئي پرش ڪنهن کي چونديندو آهي“

گلن جي پنکڙين جي نرم ڇهاءُ کان پرسنتا جي مرڪ ڦهلي هئي ناريءَ جي چپن مٿان. هوءَ جواب نه ڏيئي پئي سگهي مگر....

”پرش انهي ناريءَ کي اپنائيندو آهي جا سندس آدرشن کي پيار ڪندي آهي. ان حالت ۾ چوندبُ پهرين ناري تي ڪري..“

ناريءَ کان هلڪو چرڪ نڪري ويو. تڏهن هيءَ سڳنڌي گل سڄڻ جو ايمان ڪجهه نه هو.

فقط ڪي مهينائي مس گذريا هئا شاديءَ کي، جڏهن سڀئيءَ سيجا پون ۾ ناريءَ پتيءَ جي گهنگهرالو ڪارن ملائم وارن ۾ آڱريون پئي گهمايون....

مگر سندس چپ هر هر پياسا رهجي ٿي ويا.

ناريءَ زوريءَ سندس مک پاڻ طرف ورايو.

”ليئن نه پلئي سگهنديءَ مون کي...“ ياونا جڳت لڏي ويو، ”ڇا مطلب؟“

”ڏس هي منهنجون اکيون منجهن ڪيڏا خواب پريل آهن؟...“

”مگر مون نه توکي ورلي ڪو ننڊ ڪندو ڏٺو آهي اڪثر نه تون جاڳندوئي رهين ٿو ڪتابع پڙهندو رهين ٿو... پوءِ خواب ڪيڏي مهل لهندو آهين؟“

”خوبلين لهڻ جي هڪ وهي ٿيندي آهي امولي، مان ان عمر ۾ مبي روزگار هئس سچ نه پڙهڻ لاءِ ئي اجان گهٽوئي ڪجهه رهيل هو. پوءِ به ڪٽنب پريوار کي گهرجن جي ڪنيي نرگ جيان رجهندو ڏسي مون کي ٿيو مون کي روزگار تي لڳڻ جي سخت ضرورت آهي. ڪي ڏينهن نه گهر ڇڏي پٽڪندو رهيس. ڪن دوستن وٽ آسرو ملندو رهيو. جدا جدا

نندڙيءَ پت سان ڪالونيءَ ڪان جدا ٿيل هن گهر ۾ هيتري آگ لڳي هئي ۽ پوءِ به سڄي ڪالوني الوٽ سمهي پيئي هئي. هئو اها گهرجن جي گهاٽي ۾ پيڙجي ٿڪجي جو سمهي هئي.

ڪيڏي مهل ڪتين ڪر موڙيا ۽ نندرا ديويءَ هن ناريءَ کي پنهنجي ياڪر ۾ پري ورتو تنهنجي خبر خود ڪيس به نہ پيئي.

هوءَ جاڳي تہ ڏٺائين: ڪالوني گهڻو اڳ جاڳي چڪي آهي ۽ ڏٺائين تہ امولي ءَ جو ملهہ ڪٽڻ واري بستري تان غائب ٿي چڪو هو. هڪ نندڙي پني ٽڪر تي لکيل هو تہ بلڪل ساڏارڻ رواجي استريءَ جهڙي جيون سنگني منهنجي خوبن جي راڻي ٿي نٿي سگهي....

اها پيڙا ڪيترن ڏينهن کان ڪيئن وٺيندي رهي آهي منهنجي من جڳت کي تون نہ سمجهي سگهندينءَ.... منهنجو ضمير مون کي اندرئي اندر ڪپيندو ٿو رهي. جيستائين هرڪو بانهون انسان پنهنجون گهرجون پاڻ نٿو پوريون ڪري سگهي تيستائين اڏار مئي ناهي ٿيڻو مانو جاتيءَ جو.....

امولي ءَ جو راتوڪو آگ لڳل سرير اڳيئي هڪبند جيان دکي رهيو هو.... ميرا پڪار ڪئي جوڳي مت جا مگر سندس ايماني من, ڪنهن جي پير جي ڪڙي بڻجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شادي رچائڻ مهل ڪيئن ڪڙيون امولي ءَ جي پيرن ۾ آيون هيون, هن انهن کي نڪرائي ڇڏيو, ساهيڙيون سڏون سپ ناتا ٽوڙي سگهجن ٿا مگر جڏهن ملئن جي موهہ ۽ ممتا واري ڪڙي ملئي تڏهن امووليءَ ۾ ان کي نڪرائڻ جو ساهس نہ هو. هن ڏاڍي آدر سان ان کي متي طاق تي رکي ڇڏيو.

هينئر بہ چيائين, يشوڌرا آهيان مان گوتم جي ستول چرنن کي پڪڙڻ منهنجو وڙئي ناهي.... پوءِ بہ سندس قمن جي خاڪ نراڙيءَ تي مکي ڇڏيائين....

هڪبي وس مرڪ مڙيءَ سندس چپن تي اهو سوچي ته ”سمجهه ۽ گيان جو آڌار ڪنهن وقت خودبه راهه ڀلجيو وڃي ۽ جذبات وهيٽو ٿيو پوي راهي...“

اڪيلو گهر- سونهن- ۽ ڪمسين عمر. ڇئن ديوارن اندر ڪوئي ڪلور وهي سگهيو ٿي.

امولي ديوارن کي حقيربڻائي ڇڏيو. سندس دوستيءَ جي دامن ۾ سڄي ڪالوني وڪوڙجي ويئي.

ڪٿي ڪوئي گانن وديا جو ڪلاس هو. نون قومي گيت ۽ ڏنون جهونن خيالن جي طرزن ۽ ترانن ۾ ملبوس ٿي گونجڻ لڳا. ڪٿي هڪ لئبرريبه کلي ويئي. اسڪول ته هوئي تنهن جي دادين جا ميڙ سڏائي امولي هر ماڻهيءَ جي هٿ ۾ ننئين نموني جو ڀاڻ پڪڙائي ڇڏيو. ڪالونيءَ ۾ هڪ ننئين ڍنگ جو جهان ڪڙو ٿي ويو، جهان جنهن ۾ جيتريائي گل هئا ان کيبيٽا ڪنداِبه هئا. ڪن جون قياس ڀريون نظرون جڏهن امولي مٿان پونديون هيون ته هوءَ ڀاڻ کي پنهنجي وجود کان هيٺ ڍرڪندو محسوس ڪندي هئي. مگر ڪن جي ڏڪار ۽ حسد تي امولي جو منهن وڏيڪ تيجسوي ٿي ويندو هو. ڪن ليئنبه چيو،

”اهڙي هوندي تڏهن ته پتيبه ڇڏي ويو اٿس“ امولي ڪنن کي هٿ ڏيئي اهڙا تعانلبڌندي هئي مگر اهڙن وقتن تي هوءَ سيتا ماتا کي ڌرتيءَ ڪانبباهر اچي ڀاڻ ڏيبه اڳريون وڌائيندو محسوس ڪندي هئي. جڻ هوءَ ڪيس ساڪيات درشن ڏيئي چئي رهي هجي.

”ڀارت جو پتي ديو اڄبه آدرش جو وڏيڪ پوڄاري آهي“

امولي ان سپنيمئي سيتا کي چوندي هئي ”انڪريئي ته امر آهي... مگر ولاسبه وردان آهي نه ته لوَ ڪش جون هستيون ڇا وجود ڀائي سگهن ها؟“ اهڙي وقت امولي پنهنجي ننڍڙي ديپڪ کي ڳلي لائي شانت ٿي ويندي هئي.

اچانڪئي هڪ ڏينهن هو گهر ۾ گهڙي آيو. امولي شڪنتلا وانگر منهن ڦيري ڪين ٻيٺي. نڪي سيتا وانگر ڌرتي جو سهارو گهريائين. ننڍڙي ديپڪ کي سندس گود ۾ رکي ڏاڍي سهج ڀاوسان چيائين "توهين اچي ويا؟"

هو ڏسندو رهيو امولي کي، چپ چاپ. سيجاپون واري رات جي ياد وري ساهه کڻڻ لڳي تڏهن کلي چيائين، "هيڏي عرصي کان پوءِ مون کي گهر ۾ ڏسي توکي ڪوئي اچرج نه لڳو؟"

"راجا دشيتڻ پنهنجي پرت کي ڪيڏن سالن کان پوءِ اچي ڏٺو هو." امولي جي نگاهه ڌرتي طرف هئي پر سندس کلهلبلڪل سڌا هئا.

ديپڪ هيل سوڙو پي جي ڪيسي مان پين پينسل ڪڍڻ ۾ محو هو. تنهن طرف سچ، پچ ڏيان هينئرئي ويس. سندس مٿو چمي چيائين، "ڙي هان تڏهن.... ان تڏهن کان پوءِ جيڪو هلڪو چرڪ هو سو چڻ ڪنهن غلطيءَ جي احساس جي شاهدي هو.

ليڪن امولي جاڻي ٿي ته ان رات جي جليل ناريءَ وٽ ڪنهن جي ڀه غلطي، غلطي نه رهندي آهيٻس هن ته سڀ ڪنهن کي سڀ ڪجهه معافئي ڪري ڇڏيو آهي.

پهرين آرٽڪ ميزان قائم ڪرڻو آهي ملڪ جي ماڻهن ۾ ماڻهپي موٽائڻ لاءِ ان آدرش لاءِ پتي ڪيترو ڪجهه ڪري سگهيو هو انجو اندازو لڳائڻ امولي لاءِ مشڪل هو. مگر ڪيس پنهنجي گرهستي جيون ۾ آدرش ۽ آرٽڪ حالتن جو ميزان قائم ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ تڪليف ٿي هئي. پتيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ هن پاڻ کي ايترو ته ڦهلائي ڇڏيو هو جو هاڻي ڪيس پتيءَ ۽ ديپڪ جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪنئي درپيش اچڻ لڳي. ڪڏهن پتيءَ جي شرٽ جلبتڻ ڏوبي ٿوڙي آيو آهي، جڏهن سندس رومال گم آهي. ڪڏهن سندس روٽي تيار ناهي....

پتي ديو هڪ اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿي ويو هو. پنهنجن آدرش جي ڦهلاءُ لاءِ ڪيس ڪافي زمين ملي هئي. گلبهه ڪڙي رهيا هئا جو هڪ ڏينهن پتيءَ امولي‍ءَ کي رڙ ڪري چيو، ”مهرباني ڪري اهلباهر جي دنيا سميٽي اچي گهر ۾ ويهه.... هيتريءَ ٻي ٻندوبستگي.....

امولي ڪلي ڏيڻ ڪانسواءِ پلا ڪريءَ ئي چا ٿي سگهي. هوءَ يڪ ٽڪ پتيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي....

پتيءَ جي رڙ وري ڪر کڻڻ لڳي- ”ڪير چوندو هي گهر آهي؟ ڪڏهن پتين تي ڄارو....“

امولي‍ءَ پڇيو، ”جڏهن آدرش لاءِ توهين گهر ڇڏي ويا هئا، تڏهن من مٿي سنسار ڪيئن ڄاري سان پرجي ويو هو ان تي توهان جي نظرئي نه پيئي هئي.... هاڻي ته منهنجن آدرشن منهنجو وقت تي ڪٽي ورتو آهي....“

”اها چلبروڪشي ٿي رهي آهي آدرش لاءِ؟“

امووليءَ وٽ جواب ڪين هو. سندس من پرجي آيو. پوءِ به پتيءَ کي جواب لاءِ ترسيل ڏسي، هن ناريءَ جنهن اڪيلائيءَ جي عالم کي پرڻ لاءِ سئو طوفان سنا هئا، سا الاجي ڪيئن چئي ويئي، ”هاڻي شايد مون ڪيئي هڪ ساڌارڻ رواجي پتيءَ جوو تياڳ ڪرڻو پوندو....“ چوڻ ڪان پوءِ ڪيس لڳو ساري گهر، ڪالوني ۾ جهان جون پتيون لڏي اٿيون هيون ڪنهن ڌماڪي سبب.

صدين کان پوءِ هڪ آدرشي رام کي لڳو آدرش تڇ آهن، جي انهن هيڻان مانو پريم ۾ آدر جي ڌرتيءَ ناهي. هيءَ ڳالهه سيتا ڪيس ڌرتيءَ ۾ پورجي نه پر ڌرتيءَ مٿان رهي ثابت ڪري ڏيکاري هئي.

رام هن نوپچيتن ناريءَ کي ڏسندو رهيو پوءِ به قدمو اڳيان وڌي سندس مٿي تي هٿ رکي چيو، ”نه هاڻي ليئن نه ٿيندو“.

# گڻيش جنم

سيتا جي ماءُ وٽ وڻ وڻ جي ڪاڻي اچي مڙي هئي. صفحي جي هڪ ڪنڊ مان اگربتين ۽ چندن جو واس پئي آيو- ڪمري مان سڄ فرنيچر ڪڍي پٽ تي چادرون ۽ تڏا وڇايا ويا هئا جن تي وينل ڪيئن زالون ۽ هڪ ٻه مرد ٻه نظر پئي آيا. ”جئه گڻيش ديو، ماتا جا نڪي پاروتي پتا شنڪر ديو.“ جي ڌني پئي هلي. سيني جي اک وري وري اگربتين واريءَ ڪنڊ ڏي ٿي ويئي ۽ هٿ پئي جوڙيائون- صندليءَ ڪي گونٿي لڳل ٻاڙهي سٽين سان ڍڪي مٿس چاندي جي ٿالهيءَ ۾ اڌ انچ جي گڻيش ڪي سائي پيلي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيو ويو هو. صندليءَ جي اڳيان جيڪو پيلو پلاسٽڪ جو رومال وڇايل هو سو سڄو پلاڪلين آڏين رپين ۽ نوٽن سان، شرڌالن پري چڙهيو هو.

صندليءَ اڳيان ويٺي هئي، اچي ساڙهيءَ ۾ نراڙيءَ تي تلڪ ٻڙي ڏنل سنيتا جي ماءُ، شرڌا ۽ وشواس جي سرهائي سان سندس منهن پئي چمڪيو. ٿالهيءَ ۾ براجمان مورتيءَ ۾ سندس نظر ئي نہ اصلڪ ساهہ اٽڪيل پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڌنيءَ جي لئہ تي تاڙي هڻندي جهومي پئي هڪ ٻڍڙيءَ جي تالي تاڙي هڻي جهونگاريو ”گرو اسان جي گهر ۾ آيو ڀاڳ ڀلا ٿي ڀانيان گوش ٿي آهيان... سندس پر ۾ وينل جوانڙي ڪيس ٻس ڪرائي ۽ اونچي سر ۾ ڳائڻ لڳي ”آج ميري گهر پريتم آئي...“ شرڌالن جي تاڙي ۽ جهوم ٻند ٿي ويئي.

جوتيڪا راءِ جي هن وسريل گيت ۾ جيڪو جادو هو تنهن سيني کي مندشي چڙهيو. سنيتا جي ماءُ جون تہ اکيون ٻند ٿي ويئيون جل ڌارانون سندس ڳلن تي واٽ ٺاهڻ لڳيون...

گيت پورو ٿيو تہ در تي بيٺل ٻاهران آيل شرڌالون عورتون اندر ڌوڪي آيون. موليءَ اٿي کڙي ٿي. سندس وڏو ٿلهو سريربرف جهڙو اڇو، تنهن تي هيرن جي مٽين جا چلڪاٽ- سيني جون اکيون وڃي مٿس کتيون. گلابي چپن مان آواز نڪتو ”جن درشن ڪيو آهي سي هلنديون ٿيو تہ ٻين کي جاءِ ملي...“

ننڍڙي سنيتا پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو، ”دلي، ان کي ڇڏ، اهو آهي لوک شاهي.“
مردولا پنهنجي کل مٿان ٻڪ جهلي سنيتا جي ڪن وٽ چيو، ”مولي داديءَ جو هڪڙو ڏنو تو ڪجي پو ٿنگ تي ڪڇيس ۽ پوءِ ڀيو....“
سنيتا چيو ”ماٺ ڪر. کل نه نه- ممي غصو ڪندي.“
آيل ميڙاڪي جي پڻ پڻ سبب، ڏنيءَ بند تي ويٺي هئي. سندن ڪپڙن ۾ وڏل سينٽن جي خوشبوءِ اگربتين ۽ چندن جي خوشبوءِ تي حملو ڪٽي ڪيو. سنيتا جي ماءُ اٺ ڏهن ٻيون ٻه اگربتيون جلايون ۽ ڏني شروع ڪري ڇڏيائين. ميڙ مان هڪڙي جنهن جي ٻانهن جي نون سونن چوڙن چلڪاٽ ٻئي ڪيا. انهيءَ پنهنجي ٿولهه جوڀار ڦڙتائيءَ سان صندليءَ طرف ريڙهيندي، هٿ وڌائي چيو، ”ڀائي مون کي ته ڏيکار گڻيس جي موورتي، ته ساکيات درشن ڪريان.“ ڪنهن چيس ”پهرين هيٺ ته ويهه، ايري ڪاٺ کي ڪو ڀڳوان جو درشن ٿيندو ڇا؟“
موٽي ملڻي ويني ته ”يڪ“ ڇئي سنيتا ۽ سندس ساهيڙي مردولا کليءَ ٻاهر ڀڄي ويون.
سنيتا جي ماءُ ڏاڍي صدق سان، زريءَ واري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ناريل جو ٽڪرو موٽي عورت جي اڳيان آندو. پاڻ به ڪجهه سريڪي. ناريل جي پيچڙيءَ ۾ جيڪا ننڍڙي ڏاندشي هئي ان طر3ف اشارو ڪري چيائين ”هيءَ جيڪا گڻيش جي سونڍ تي ڏسين، سا هيتري ٽڪري اڃا به وڏي آهي ڪلهه ننڍي هئي.ملئي هيري ماءُ ڪلهه تو پاڻ ڏٺو هو نه؟“ هيري ماءُ ڪمري جي ڀيءَ ڪنڌ کان زالن کان سيريندي اچي مورتيءَ وٽ پهتي. ڳل تي هٿ رکي چيائين، ڀٽڙي، قربان وڃان گڻيش گنج پتيءَ تان، اڙي سنيتا جي ماءُ تو وٽ ته پريو پاڻ پڌاريو آهي. اجان ٻئي پٽ گهرندي آهين.“
چمڪندڙ چوڙن واري ٻانهن وڌائي پنهنجي ڏکٽي هٿ ۾ زريءَ جي ڪپڙي سوڌو ناريل ٽڪر ڪٽي ڏاڍي اڃرج مان وري ٽڪر کي ۽ هيري ماءُ کي ۽ سنيتا جي ماءُ کي

سنيتا جي ماءُ پٽ تي پٿاريل اڇي ڪير جهڙيءَ پترانيءَ تي اٿي ڳڻتڙي ٿي ويهي رهي.

سنيتا ڪيس ڏونڌاري چيو، ”ڏسجانءِ اڄ تہ اخبار وارا تنهنجو فوٽو ڪڍڻ ايندا. شايد ٽي ويءَ وارا بہ.... او ممي يو آر گرئنڊ!“

مگر مميءَ جي اکين اڳيان ور ور ڪري اهوئي نظارو ڦري رهيو هو جيڪو جمنيءَ وڃڻ مهل چيو هو هاڻي ڪيس گڻيش جي مورتيءَ برابر ناريل جو انڪرئي نظر اچڻ لڳي.

جڏهين سنيتا اچي چيو، ”هيٺ تہ ڏس ممي ڪيترا ماڻهو پيا اسان جي گهر اچن!“

تڏهن ماءُ چرڪ ڀري اٿي ڪڙي ٿي. اڄ تہ سندس گهر ۾ حشام ماڻهن جا درشن لاءِ آيا ۽ ويا پر ڪنهن بہ سندس منهن تي اهو وشواس اها خوشي اهي جل ڏاريڪون نہ ڏٺيون. هوءَ نر اتساهہ نبل پراڻيءَ جيان اکيون بند ڪيو بت بڻي ويٺي رهي.

ستن ڏينهن کان پوءِ بہ جڏهن مورتيءَ ۾ فقط پاءُ انچ جيترو بہ واڌ نہ ٿي الٽو ناريل جا سنهري نرم وار ان تي پرگهٽ ٿيڻ لڳا، تڏهن سنيتا جي ماءُ خود اٿي مورتيءَ کي ڪڇ ۾ جهلي صبح صبح سمنڊ ڏي هلڻ لڳي. هڪ پل لاءِ خيال آيس جي اڄ بہ هيڏا ماڻهو اچن تہ انهن کي ڇا چونديس ڪهڙو منهن ڏيکاريندس انهن کي، ڇو نہ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيان....!“

مگر جڏهن لهرون وڪڙ وڪڙ ڪندسيون سندس پيرن وٽان مٿي چڙهڻ لڳيون، تڏهن سنيتا جي ماءُ پاڻ کي نہ، فقط مورتيءَ کي ئي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو.....